# سنڌي ٻولي، سماج ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي

فهد حسين ميمڻ

---

هن مضمون جو مقصد هر سنڌ واسيءَ کي ڪمپيوٽر ايجاد ٿيڻ بعد پيدا ٿيل عالمي صورتحال کان آگاهه ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ تي ٽيڪنڊ ڪمن بابت آگاهه ڪرڻ آهي. اميد ڪجي ٿي تہ هر سنڌي هن معاملي ۾ دلچسپي وٺندي ڪمپيوٽر کي پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻائيندو.

ڪجهه سال اڳ هٿ آيل ڪنهن ڪتاب تان ڦاٽي ويل پني تي ٻوليءَ جي وصف هن ريت پڙهي هيم تہ: "انساني ٻولي پاڻمرادو قبول ڪيل ۽ ادا ٿيل آوازي علامتن جي اهڙي تنظيم آهي، جنهن کي فرد پنهنجي سماج ۾ حال ونڊڻ ۽ گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن، يعني آوازن کي ترتيب، ڪيفيت، مقصد ۽ ڪارج جي چٽائي هئڻ لازمي آهي.

## مادري زبان:

ماءُ جي ٻولي، ان ۾ وڏو رشتو ڏرتيءَ جي ڳانڍاپي يا ناتي جو آهي. مادري زبان ڄمڻ کان وٺي ٻار جي ڪن تي پوي ٿي ۽ هن جي سکيا جو وسيلو بڻجي ٿي، هو ان کان شعوري توڙي لاشعوري طور تي متاثر ٿئي ٿو، سمجهي ٿو ۽ سوچي ٿو، ان ڪري خيالن جي اظهار جو وسيلو پڻ اها ئي زبان بڻجي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هر انسان مادري ٻوليءَ سان فطري محبت ۽ انس رکي ٿو. بنيادي سکيا جو وسيلو هئڻ ڪري

نئين سکيا پڻ ان سان لاڳاپيل ٿئي ٿي، يعني ”جاتل کان اڻ جاتل ڏانهن هلڻ“ واري سکيا واري بنيادي اصول هيٺ مادري زبان ذريعي سکيا حاصل ڪئي ويندي آهي، جيترو سولائيءَ سان مادري زبان ۾ سمجهي سگهجي ٿو، اوترو ڌاري زبان ۾ سکڻ مشڪل آهي. خيالن جي متا ستا ۽ ڀرپور انداز ۾ اظهار فقط مادري زبان ۾ ئي ٿي سگهي ٿو.“

## ٻوليون، انهن سان درپيش مسئلا ۽ ڪمپيوٽر سائنس:

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ٻولي رابطي جو ئي ٻيو نالو آهي، دنيا جي ٻولي دانن وٽ ان حوالي سان مختلف بحث ڇڙيل نظر اچن ٿا، ”هر اها ٻولي مظبوط آهي، جنهن کي رابطي لاءِ وڌ کان وڌ استعمال ڪيو ويو وڃي... هن وقت ڌرتيءَ تي لڳ ڀڳ 7200 ٻوليون ڳالهائيون پيون وڃن، جيڪو هڪ خاصو تعداد آهي، پر ڏکوئيندڙ حقيقت اها آهي تہ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ تعداد سان ٻوليون سردپٽي جو شڪار ٿينديون پيون وڃن. اندازي موجب صرف 25 سالن اندر 500 ٻوليون بلڪل سرد ٿي چڪيون هونديون ۽ هن صديءَ جي آخر تائين دنيا جون اڌ کان وڌيڪ ٻوليون متاثر ٿينديون.... اهو ان ڪري تہ وڏين ٻولين جهڙوڪ انگريزي، اسپيني ۽ عربي وغيره تعليمي ۽ معاشي فائده پهچائن ٿيون، جيڪا خاصيت ننڍين ٻولين ۾ گهٽ آهي...، جڏهن توهان هڪ انساني ٻولي وڃايو ٿا تہ اوهان اهو پڻ وڃايو ٿا تہ اها ٻولي ڪيئن اڀري ۽ جڙي، اهو ڪو معمولي مسئلو نہ آهي، ڇو تہ اڄ سائنس جنهن نتيجي تي پهتي آهي تہ ”انساني ذهن ڪيئن ٿو ڪم ڪري“، ان بابت مڪمل ڄاڻ اسان کي ”ٻولي ڪيئن ٿي ڪم ڪري“ مان پوي ٿي.... اسان ٿي سگهي انساني تاريخ بہ وڃائي ويهون ڇو تہ اهي ٻوليون هزارين لکين سالن جي تبديلين ۽ ثقافتي تجربن جو نتيجو آهن. هر اها ڳالهہ جيڪا ان زبان ۾ چئي وئي، سمجهي وئي، ايجاد ڪئي وئي پڻ ختم ٿي ويندي، ان ڪري اسان بري طرح سان انسانن جي ثقافت ۽ خاصيت کي وساري ويهنداسين“

اهڙن ذهنن جو ئي نتيجو آهي جو هو اڄ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ کي هر عام توڙي خاص انسان لاءِ لاياتو بڻائڻ گهرن ٿا، هو چاهين ٿا تہ هن دنيا ۾ ثقافتن جا رنگ ائين ئي پريل هجن جيئن هڪ باغ ۾ مختلف قسمن جا گل ٻوٽا باغ کي باغ جو نالو ڏين ٿا. هو مطالبو ڪن ٿا تہ انساني رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت جي بچاءَ تي ان کان وڌيڪ ڌيان گهربل آهي جيترو دنيا جا همدرد وائيلڊ لائيف جي جانورن جي بچاءَ تي ڏئي رهيا آهن.

ٻولين جي تاريخ تي مٿاڇري نظر وجهڻ سان معلوم پوندو ته ”فطرتي اصولن موجب هنن اندر زندگيءَ جي هر خاصيت سان گڏ موت جو پاڇو پڻ موجود رهي ٿو، ٻوليون ٻين ٻولين مان ڦٽن ٿيون، وڌن ويجهن ٿيون، پنهنجو پاڻ اندر حالتن تحت مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذرندي جوڀن ۽ وڏي تعداد ۾ علمي طاقت ماڻين ٿيون، ٻين ٻولين کي ذخيرو ڏين ۽ وٺن ٿيون، ڪڏهن ته ڇاول ٻوليون ٻين ٻولين کي جنم به ڏين ٿيون، اهڙي نموني هو پوڙهيون ٿين ٿيون، ۽ فنا ٿين ٿيون.“

ٻولي هڪ ئي وقت ڪنهن به قوم جي ڇيلهه جي هڏيءَ طور به سڃاتي ويندي آهي ته نسل در نسل، طبقي در طبقي، علائقي در علائقي رابطي جي واحد ڪڙي پڻ. دنيا اندر قومن جي سڃاڻپ جو گهڻو ٽڪو دارومدار ٻولين تي ئي رکيل آهي، جيڪڏهن اڄ ڪو ننڍي ٻوليءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڇاڪوڙي رهيو آهي ته ان جو مطلب اهو نه آهي ته هو وڏين ٻولين سان سڌي ريت مقابلو ڪري رهيو آهي، پر ٻوليءَ کي عالمي ليول تي پذيرائي وٺرائڻ جو مطلب اهو آهي ته هر ٻوليءَ ۾ ڪجهه خاص هوندو آهي جيڪو ٻين ٻولين ۾ نه هوندو آهي، اهڙي ريت هو دنيا کي ٻڌائڻ چاهيندو آهي ته اسان وٽ انسانيت جو ورثو هن مخصوص صورت ۾ موجود آهي، ان بعد مادري زبان جي طاقت ور حيثيت وڏن وڏن دانشورن کي مجبور ڪري ٿي ته هو جيستائين ڪنهن به سماج کي ان جي مادري ٻوليءَ ۾ سکيا نه ٿا ڏين تيستائين ان مان سو سيڪڙو نتيجا ملڻ ناممڪن آهن، اهڙي ريت بغير وقت وڃائڻ جي جيڪڏهن ڪو پنهنجي گهر، ڳوٺ، علائقي توڙي ڏيهه ۾ علم جي روشني ڦهلائڻ گهري ٿو ته ان جو شروعاتي ۽ لازمي ذريعو مادري زبان ئي آهي.

تاريخ جي هر ايجاد سان ٻولين جي بقاءَ واڌ ويجهه جي مسئلي کي سامهون رکندي ان ايجاد جون مخالفتون يا حمايتون ڪيون ويندون آهن، بحث مباحثا ڪيا ويندا آهن، عوامي شموليت کي يقيني بڻائڻ لاءِ رستو هموار ڪيو ويندو آهي، ان عمل ۾ ڪنهن به قوم /سماج جو دانشور طبقو انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندو آهي، هنن جو منطقي ڪردار اهو هوندو آهي ته ڪهڙي به طرح سان نون علمن کي پنهنجي سڀاجهڙي لوڪ تائين آسان فهم زبان ۾ سمجهائي پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪندا آهن، ۽ جنهن به سماج ۾ ان جو دانشور ۽ پڙهيل لکيل طبقو اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ کان محروم هوندو آهي ان سماج ۾ نوان علم تڏهن پهچندا آهن جڏهن اها نئين ايجاد يا علم ٻين سماجن ۾ بلڪل پراڻو ٿي چڪو هوندو آهي ۽ ان جو نقصان اهو ٿيندو آهي جو استحصالي قوتون پنهنجا

واپاري مفاد حاصل ڪرڻ خاطر ان سماج کي صرف ۽ صرف مارڪيٽ طور تي استعمال ڪندا آهن، ۽ هنن کي ڪليل ڇوٽ هوندي آهي تہ هو جاهل سماج کي ڦرن ۽ لٽن. ۽ ان علم يا ايجاد کي صرف پنهنجن واپاري مفادن تحت اڳتي وڌائين. جڏهن بہ ڪا نئين سائنسي ايجاد ٿيندي آهي يا نئون علم منظر تي ايندو آهي تہ سماج جي پڙهيل لکيل ۽ دانشور طبقي کي ان بابت ٻين کان اڳ ۾ معلومات ملندي آهي، پر جيڪڏهن اهڙن فردن وٽ پنهنجي سڀاجهڙي لوڪن سان دلي همدردي هوندي آهي تہ هو فوراً ان علم کي پنهنجي آسان فهم زبان ۾ ترجمو ڪري عوامي ٻوليءَ ۾ نوان لفظ ۽ اصطلاح ايجاد ڪري اڳتي وڌائيندو آهي، انهن سببن ڪري جو اهڙي سماج جي فرد کي مادري زبان تي عبور هجي ٿو تہ هو ٻئي زبانون بہ آسانيءَ سان سکي سگهي ٿو، ۽ صحيح نموني سا هو هڪ اهڙو مڪمل انسان بڻجي ٿو جيڪو هڪ ئي وقت دنيا جي مختلف انسانن جي رهڻي ڪهڻيءَ کي پرکي سگهي ٿو، اهڙي طريقي سان نہ تہ ٻوليءَ جو بگاڙ ٿيندو آهي نہ ئي عوامي ٻوليءَ تي ڌاري ٻوليءَ جي غير منصفاڻي يلغار کي موقعو ملندو آهي پر اهو سماج سڌيءَ ريت علم ۽ دانش جي ڪرڻن مان فيضياب ٿيندو رهندو آهي، ان جو شعور پختو ٿيندو رهندو آهي، ۽ تاريخ ثابت ڪندي آهي تہ موقعو ملڻ تي اهڙي قسم جو سماج دنيا جو ترقي يافتہ سماج ليکيو ويندو آهي. پر ان جي ابتڙ جمود طاري ٿيل سماج جا دانشور پنهنجو ڪردار صحيح نموني سان ادا نہ ڪندا آهن جنهن ڪري اهڙيون قومون وقت جي تيز رفتاريءَ سبب ڏيهون ڏينهن غلاميءَ طرف ڌڪبيون وينديون آهن.

اڄ اسان وٽ هندي زبان جو مثال اڳيان آهي، چيني ۽ بنگالي زبانون بہ اسان کان ڳجهيون نہ آهن، دنيا جي وڏن سيٽ لائيٽ چئنلن ۾ شمار ڪيا ويندڙ ۽ سائنسي علمن کي اوليت ڏيندڙ نيشنل جيوگرافڪ، ڊسڪوري ۽ اينيمل پلانيٽ توري هسٽري جهڙا وڏا چئنل ڪو بہ پروگرام انگريزيءَ ۾ نشر ڪن ٿا تہ اتي جا دانشور ان پروگرام (ڀلي ڪٿي اهو اسپيس سائنس، جينياتي سائنس، ڪمپيوٽر سائنس يا فلسفي يا تاريخ جهڙن ڏکين موضوعن تي مشتمل ڇو نہ هجي) کي ان وقت ئي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪن ٿا، اهڙي طرح نوان لفظ، نوان محاورا ۽ اصطلاح ايجاد ٿيندا رهن ٿا، انهن جي ٻولي پڻ وڌندي ويجهندي رهي ٿي ۽ گڏو گڏ اهڙا سماج مثبت نموني سان هر نئين ايجاد کي قبولين ٿا، انهن مان فائدو حاصل ڪن ٿا.

ان جي ابتڙ اسان جي دانشورن جو ڪردار انتهائي شرم جوڳو نظر اچي ٿو، هي سٽون لکندي دل ۾ ته اچي ٿو ته ڪاش ان لفظ کان وڏيڪ ڪا خطرناڪ مهذب هجڻ جي باوجود غير مهذب گار ڏئي سگهان هان. اسان جا علمي ادبي ادارا، اسان جون درسگاهون، اسان جا سياست دان... ڪنهن ڪنهن کي ۽ ڇا ڇا چئجي...!

جتي وڏا وڏا آڙيڪاپ پرائمري تعليم کي صرف مادري زبان ۾ ئي محدود رکڻ لاءِ دليل بازي ڪري رهيا آهن اتي سندن پنهنجا ٻار هڪ ئي وقت ٻن يا ٽن ٻولين ۾ پرائمريءَ جي شروعات ڪن ٿا، ۽ سندن اولاد کي ٻاهرين ملڪن مان پڙهائي پوري ڪرڻ شرط سنڌي سماج مٿان اعلىٰ ڪرسيءَ ذريعي ٺاڦيو وڃي ٿو. ۽ نتيجو اهو نڪري ٿو جو ٻاهران پڙهي آيل برگر فيمليز جي ٻارن کي هن پٺ تي پيل سماج ۾ ڪابه دلچسپي نه ٿي رهي هنن جي نظر ۾ هي هاري ناري صرف ڪيڙا مڪوڙا آهن. اڄ اهڙي طبقي تعليم کي صرف پنهنجي ميراث سمجهي رکيو آهي، غور ڪرڻ سان خبر پوندي ته انهن نام نهاد دانشورن ۽ هزارين سالن کان مذهبي توڙي سماجي علمن کي عام ماڻهوءَ لاءِ ممنوع قرار ڏيندڙن مذهبي عالمن ۽ پنڊتن ۾ ڪو به فرق نظر نه ٿو اچي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڏيون ڳلي ڦاڙ تقريرون ڪندڙن جو حال اهو آهي ته هو ڪمپيوٽر کي ٻارن جو رانديڪو سمجهن ٿا، انٽرنيٽ جي شد مد سان مخالفت ڪن ٿا، هو هزارين رپيا خريد ڪري پاڻ ته ڪتاب خريد ڪن ٿا، پنهنجن ٻارن کي پڙهائين ٿا، پر هو نه ٿا چاهين ته انٽرنيٽ جهڙي عالمي ميڊيا مان ڪو غريب جو ٻار به پنج اکر سکي، ٿي سگهي هن سستي ذريعي جي ڪري سندس زندگي روشن ٿي پوي. انتهائي افسوس جو مقام اهو آهي ته سنڌيءَ کي ڪمپيوٽر تي اچڻ کي 25 سال گذري چڪا آهن پر پرائمريءَ کان وٺي سنڌ يونيورسٽي (افسوس صد افسوس) تائين جي تعليمي ادارن ۾ هن وقت تائين سنڌيءَ جا اڪثر امتحاني سوال پيپر قلم سان لکيا وڃن ٿا، جن ۾ بي شمار پروف جون غلطيون موجود هجن ٿيون. جتي سنڌ يونيورسٽيءَ جو حال اهو هجي جتي اڻ ڳڻيا بگهڙ پاڻ کي دانشور سڏائين ٿا ته باقي ڪهڙيون شيون ڳجهيون رهن ٿيون.

اهڙي نام نهاد دانشور طبقي جي ڪهڙي فرد کي خبر نه آهي ته هي انفارميشن ٽيڪنالاجي جو زمانو آهي، بلڪل اهڙي طرح ئي جيئن هن کان اڳ پٿر، لوهه، ٽامي، زراعت ۽ صنعتن جا دور گذريا آهن ۽ ائين ئي جيئن مستقبل ۾ اسپيس (خلا) ۽ جينياتي سائنس جو زمانو هوندو. ۽ هر دور ۾ اهي تهذيبون ئي ڪامياب رهن ٿيون جيڪي وقت سان گڏ هلن ٿيون، نين ايجادن تي ڪم ڪن ٿيون. ڇو ته رابطو يا ڳانڍاپو

هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ذريعي انسان ٻين انسانن کان سکي/متاثر ٿي يا سبق پرائي نئين سوچن، نون خوابن ۽ خيالن کي عملي جامو پهرائي هن مقام تي پهتو آهي، اڄ اسان جنهن تاريخي دور مان گذري رهيا آهيون ان اسان جهڙي معاشري لاءِ بي شمار للڪارون سامهون ڪيون آهن، مٿان وري ستم اهو ته اسان وٽ اهڙي قسم جو ڪو به ادارو يا آرگنائيزيشن نه آهي جيڪا ان حوالي سان عام ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪري ته وقت سان گڏ هلڻ ئي بقاءَ جو راز آهي. انساني زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ جي هر پهلوءَ تي اونها اثر ڇڏيندڙ "انفارميشن ٽيڪنالاجي" جي فڪر کان سنڌ جي هڪ عام ماڻهوءَ کي آگاهه ڪري ان کي عملي طور هن ٽيڪنالاجي جو استعماليندڙ بڻائي. هن جو اهو شعور جاڳائي ته اڄ اها تهذيب ئي جياپي جي جنگ ۾ سرخرو ٿي سگهي ٿي جنهن وٽ علم جو هٿيار ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو رستو آهي. ٻين تهذيبن سان رابطن جي بحالي ڪنهن به تهذيب جي منزل لاءِ هڪ سنگ ميل هوندي آهي.

اسان وٽ انٽرنيٽ ڪا بلڪل نئين شي نه رهي آهي، ان جي افاديت پڻ ڪنهن کان ڳجهي ناهي، گلوبل وليج جي اصطلاحن ۽ مفهوم مان ڪير واقف ناهي، پر بيحد افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جو ساڃاهه وند طبقو ان کي نظر انداز ڪري رهيو آهي، هي طبقو صرف پنهنجن ذاتي مفادن تي ئي وٺ پڪڙ ۾ پورو آهي، دانش نالي عنصر هنن مان موڪلائيندو پيو وڃي، اهڙي ريت نئين نسل توڙي موجوده قوم کي ڏيڻ لاءِ هنن وٽ لاءِ ڪو پروگرام نه آهي ۽ نتيجي طور تي سنڌي سماج ٽيڙي غلاميءَ جي ڏٻڻ ۾ قاتل ۽ بي يار مددگار نظر اچي ٿو.

اڄ ان ڳالهه جي اشد ضرورت آهي ته ان ڳالهه جي ڀرپور مهم هلائي وڃي، ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪيو وڃي، ته ٽيڪنالاجي خاص ڪري ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي بيحد سستي ٿي چڪي آهي، ٽي وي، وي سي آر، سي ڊي پليئر، ڪئبل ٽي وي جي گڏيل قيمت 15000 ٿئي ٿي جڏهن ته اڄ هڪ مناسب ۽ گهريلو استعمال جوڳي ڪمپيوٽر جي قيمت صرف 4000 رپيا آهي، ها صرف چار هزار رپيا مطلب ته هڪ ٽي ويءَ جي قيمت جي اڌ جيتري، جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل سموريون سهولتون جهڙوڪ ٽي وي، وي سي آر، سي ڊي پليئر جون سهولتون پڻ موجود هجن ٿيون، جڏهن ته اهم ڳالهه اها آهي ته ڪو به بي روزگار شخص گهر ويني 30 رپين جي سڪيا جي سي ڊي خريد ڪري عالمي معيارن موجب ڪو به پروگرام سکي سگهي ٿو. ان سکيا جو عالمي مارڪيٽ ۾ قدر آهي، اهڙي سکيا ڪنهن ڪمپيوٽر سينٽر تان حاصل ڪيل سکيا کان وڌيڪ فرسٽ هينڊ هوندي

آهي، ضرورت پوڻ تي ان جي ڪنهن بہ سبق کي وري وري دهرائي سگهجي ٿو. ۽ اها ڳالهہ اسان جي اڳيان نامڪنات ۾ شامل آهي تہ ڪو بہ ڪمپيوٽر ڄاڻندڙ بي روزگار رهي....! ڇو تہ هڪ اندازي موجب صرف ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جهڙي ننڍن شهرن ۾ روزانون سوين نوڪريون ڪمپيوٽر جي حوالي سان پيدا ٿين ٿيون. ٻي دنيا جا انگ اکر بہ ڳجها نہ آهن، صرف نيو يارڪ شهر ۾ هر روز 30000 ڪمپيوٽر ماهرن جي ضرورت پوي ٿي.

وسيع نظر سان ڏسجي تہ ڪمپيوٽر ئي هڪ اهڙي شي آهي جنهن تحت اسان سماج اندر بغير ڪو گهڻو پئسو خرچ ڪرڻ جي تعليم جي کوٽ کي پورو ڪري سگهون ٿا، قوم کي نون علمن کان آگاهہ ڪري انهن جي شعور کي مضبوط ڪري سگهون ٿا. منهنجي نظر ۾ اڄ جيڪڏهن اسان ڇئن ضرورتن کي پورو ڪرڻ جو پڪو عهد ڪيون ٿا تہ اسان پنهنجي ڌرتيءَ، سنڌوءَ جي بوند بوند، ۽ سڀاجهڙي لوڪ جي قرض جو گهڻو حصو لاهي ڇڪنداسين. ائين ڪرڻ سان اسان سنڌي قوم جي ڪمزور جسم ۾ نئون روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

1- سنڌي عوام کي سائنسي علمن خاص ڪري ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ هٽ پير هڻڻ، مذاڪرا ڪرائڻ، ڪمپيوٽر ادارا کولڻ کان وٺي ٽي وي نہ ڪمپيوٽر وٺو جهڙن نعرن کي عام ڪجي. ان سلسلي ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي ڪمپيوٽر ماهرن ۽ سنڌوءَ سان چاهہ رکندڙ فردن/ادارن جهڙوڪ: پريس ۽ اشاعتي ادارا، دانشور، اديب، شاعر، تاريخدان، انفارميشن ٽيڪنالاجي ادارا، تعليمي ادارا، هاري، زميندار، تاجر، ڪتاب گهر، لائبريريون، هٿ جي هنر سان لاڳاپيل ادارا/فرد، سيٽ لائيٽ چينل، ريڊيو، ٽي وي ۽ مختلف حوالن سان ڪم ڪندڙ اين جي اوز ۽ ٻين سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن ڏانهن هن قسم جي ڪوٺ موڪلجي جنهن ۾ ڪين تعاون ڪرڻ جي اپيل ڪئي وڃي.

2- ڪجهہ جامع ويب سائيٽن جو ڄار وڇائڻ جن ۾ وڏ کان وڏ سنڌي ڪتابن کي انٽرنيٽ تي آڻڻ کان وٺي نون ڪتابن جا ترجما ڪري انٽرنيٽ تي آڻيندي هڪ وسيع پبلڪ سنڌي لائبريريءَ جو بنياد وجهجي مطلب تہ هن خطي ۽ خطي جي ماڻهن سان لاڳاپيل هر شي کي ڊجيٽلائيز ڪري انٽرنيٽ ۽ سافٽ ويئر ٽيڪنالاجي ذريعي مارڪيٽ ۾ آڻيون تہ جيئن هڪ وڏو خال پرجي سگهي. ائين ڪرڻ سان نہ صرف اسان پنهنجي

نوجوان ۽ بيروزگار طبقي کي روشن مستقبل جي راھ تي آڻڻ ۾ مدد ڪنداسين پر سياسي توڙي سماجي حالتن سبب وچڙي ويل سنڌين کي بيهر هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي انهن جون تخليقي صلاحيتون اجاگر ڪرڻ کان سواءِ نئين نسل جي انٽرنيٽ سان واڳيل ناڪاري رجحانن کي ٻنجو ڏيڻ ۽ (ٽيڪنالاجي اچڻ سبب) سنڌي ادب پڙهندڙن جي گھٽجندڙ انگ کي وڌائيندي ساڳئي عروج تي پهچائڻ جهڙا مقصد پڻ حاصل ٿيندا. اسان کي مڪمل پروسو آهي تہ هن قسم جون لائبريريون سنڌي ٻوليءَ جي سائنسي ترقيءَ ۾ ٻہ اهم ڪردار ادا ڪنديون، جن جو پهريون ڪم موجوده ڇپجندڙ مواد کي ڊجيٽلائيز ڪري لائبريريءَ جو حصو بڻائڻ هجڻ گھرجي، جهڙوڪ: ادب، تنقيد، فلسفو، تحقيق ۽ تخليق ۾ نروار ٿيندڙ جديد لاڙن تي مشتمل مواد مڪمل ڪتاب، ڪهاڻيون، رسالا، ڪمپيوٽر لٽريچر، سائنس، مذهب، ثقافت، شاعري، تاريخ، فلسفو، آتم ڪٿا، انٽرويو، خط، سفرناما، شارٽ اسٽوري ۽ ناول سميت ٻارن ۽ عورتن جا ڪتاب ۽ مواد شامل ڪجي اهڙي طرح سان اسان ثقافت، ٻولي، ادب، سياحت، تعليم، موسيقي، فن ۽ علائقائي پراڊڪشن کي هٿي ونرائي ان کي باقاعده ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جو حصو بڻائيندي عالمي طور تي ٽيڪنالاجي جي ڊوڙ ۾ پاڻ مڃائي سگھنداسين. ٻئي پاسي ڊجيٽل لائبريريءَ جو بنياد وجهڻ ۾ اسان ڪامياب ويا سين تہ اهو اسان جي ايندڙ نسلن جي ايندڙ زمانن لاءِ هوندو، ڇو تہ اهو امڪان آهي تہ اسان اهو مواد ڪٽڻ لاءِ ٻاڪاري رهيا آهيون جيڪو تي سگھي ٿو تہ هڪ يا ٻن صدين اندر ختم ٿي وڃي، اسان ان کي ايندڙ نسلن تائين محفوظ ڪرڻ چاهيون ٿا.

3- آن لائين بازار: علائقائي پيداوار جنهن ۾ هٿ جو هنر، زرعي شيون، ڪپڙا، مصوري، ڪتاب، موسيقي ۽ سافٽويئر توڙي ويب سائيٽ وغيره جي مارڪيٽنگ ڪرڻ يا انهن کي شروع ۾ پنهنجي دڪان تان وڪرو ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ آهي، جنهن سان ان ڳالھ جو پختو يقين ظاهر ٿئي ٿو تہ هڪ عام ماڻهو ٻہ هن پراجيڪٽ ۾ گھري دلچسپي ظاهر ڪري نئين روايتن کي جنم ڏيڻ لاءِ آماده ٿيندو. جيڪا شي يقينن سنڌ ۽ سنڌ واسين جي مستقبل لاءِ سنو سنئوڻ ثابت ٿي سگھي ٿي. ان کان سواءِ عالمي اشتهاري ادارن پاران ملندڙ اشتهارن مان بهترين آمدني ڪمائي سگھجي ٿي. جهڙوڪ: گگل يا ياهو توڙي ايم ايس اين جهڙيون ڪمپنيون ننڍين توڙي وڏين ويب سائيٽن کي آسان شرطن تي اشتهار ڇاپڻ لاءِ آماده ٿين ٿيون، هن قسم جا اشتهار جديد طريقي سان بغير ڪنهن ماڻهوءَ جي عمل دخل جي پاڻ مرادو لاڳاپيل ويب سائيٽ تي اچن ٿا، ۽ ڪو ٻہ ان اشتهار تي ڪلڪ ڪري ٿو يا ان اشتهار کي صرف کولي ٿو تہ ڪيس ان بدلي ۾

مشتهر اداري پاران قيمت ادا ڪئي وڃي ٿي. ان ڪي اسان هن واضع مثال مان آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا. مثال طور تي اوهان عورتن جي تعليم تي ڪا ويب سائيٽ ٺاهيو ٿا ته گوگل جو آٽو ميٽڪ ايڊ سسٽم صفحي تي موجود لفظن ڪي روبوٽ ذريعي پڙهي ٿو ته ڪهڙي موضوع تي هي مضمون لکيل آهي، ۽ ان بنياد تي موضوع سان لاڳاپيل اشتهار ويب سائيٽ تي پاڻ مرادو چپجندا رهن ٿا، نه صرف ايترو پر هر پيري صفحو کلڻ سان مختلف اشتهار ظاهر ٿين ٿا ۽ دنيا جي ڌار ڌار حصن ۾ ڌار ڌار قسم جا اشتهار پڙهندڙ ڪي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، عورتن جي تعليم جي حوالي سان گگل جو پاڻ مرادو اشتهاري نظام اسان ڪي: عورتن جا حق، عورتن جا ڪاليج، عورتن جي صحت، ٻار جي صحت، خوبصورتي، نوڪرين جا موقعا، گهر ويٺي نوڪري، اسڪالرشپ ۽ آن لائين ڊگري حاصل ڪرڻ جهڙا بي شمار اشتهار اسان جي ويب سائيٽ تي ڇاپي ٿو، ان سان هر وقت اسان جي ويب سائيٽ گهمندڙ ڪو نه ڪو ماڻهو انهن اشتهارن ڪي ڪوليندو رهي ٿو ۽ ان جي بدلي ۾ اسان ڪي ڪافي پئسا ملن ٿا. ۽ نتيجي طور تي اسان نه صرف ٽيڪنالاجيءَ جو جديد علم حاصل ڪرڻ ۾ اڳيرا رهنداسين پر اسان جون مالي ضرورتون پڻ پوريون ٿينديون رهنديون.

4- چوٿون ۽ انتهائي اهم ڪم اهو آهي ته ڇڙوڇڙ ڪمپيوٽر ماهرن ڪي گڏ ڪري، مختلف پراجيڪٽن تي ڪم ڪرائجي، سنڌ جا ٽيڪنيڪل تعليمي ادارا جهڙوڪ زيبسٽ وغيره غيرمعمولي صلاحيتون رکندڙ ڪمپيوٽر ماهر پيدا ڪري رهيا آهن، انهن جي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو، اهڙي طرح هڪ عوامي اداري جي تشڪيل ڪئي وڃي جنهن تحت سنڌي ٻوليءَ جي پراجيڪٽن تي ڪم ڪرايو وڃي، هتي مان مٿيني بنيادي پراجيڪٽن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهندس. (انهن مان ڪجهه ٿي چڪا آهن، ڪجهه تي اجتماعي طور تي ڪم ڪرڻ ۾ ئي اسان جي ترقي سمايل آهي).

عربي اسڪرپٽ (نسخ) هجڻ ڪري سنڌيءَ کي اها سهولت موجود رهي آهي ته ان کي ڪمپيوٽر تي اچڻ ۾ گهڻي ڏکيائي نه ٿي آهي، اهو ئي سبب آهي جو اردوءَ (رياستي سرپرستي هجڻ باوجود) جي نسبت سنڌي گهڻو اڳ ڪمپيوٽر تي آئي، ۽ نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه اها آهي ته ان سلسلي ۾ ڪنهن به اداري اسان جي ڪمپيوٽر ماهرن جو شروع ۾ ڪوبه ساٿ نه ڏنو هو، اها هڪ الڳ حقيقت آهي ته اردوءَ لاءِ ڪمپيوٽر تي ٿيندڙ ڪم تي ساليانو ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا وڃن ٿا، ان جي نسبت اسان جا سرڪاري ڪامورا/ادارا اجا توڙي اوندهه ۾ ئي رهيل آهن. مان انهن مٿيني دوستن کي سلام پيش ڪيان ٿو جن

مسلسل محنت جي نتيجي ۾ بغير ڪنهن سرپرستيءَ ۽ ذاتي مفادن جي سنڌيءَ ڪي ڪمپيوٽر تي آڻڻ ڪان ونئي هن وقت هن عظيم ورثي ڪي عالمي ادارن ۾ رجسٽرڊ ڪرائڻ تائين چين جي ننڊ نہ ستا آهن. اڄ اهڙن دوستن جي بدولت اسان هن فيلڊ ۾ پير ڄمائڻ جهڙا ٿيا آهيون. پر اتي ئي ڪجهہ ڏنل ڏنل پڻ آهيون، ڇا اسان پنهنجي نئين نسل ڪي هن ٽيڪنالاجيءَ جي اهميت ڪان آگاهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب حاصل ڪنداسين؟ ڇا اسان ڪمپيوٽر ذريعي تعليم واري عمل ڪي هٿي وٺرائي سگهنداسين؟ ڇا اسان سنڌوءَ واسين ڪي عزت ڀريو مقام ڏيڻ ۾ ڪامياب ويندسين؟ ڇا اسان هن ڪم ۾ ڪٿي اڪيلا تہ نہ ٿي ويندسين؟

جڏهن تہ جهڙي تيزيءَ سان ڪمپيوٽر اچڻ ڪري روايتي تعليمي طريقا تبديل ٿي رهيا آهن انهن مان پڻ ان جي افاديت جو پتو پوي ٿو، اڄ پوري دنيا ۾ جيترو گهٽو پڙهيو، لکيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو اوترو اڳ ۾ نہ هو، ميڊيا جي وڌندڙ پرمار، هر طرف ڪان معلومات جا انبار اهو ظاهر ڪن ٿا تہ اڄ جو انسان علم سان وڏيڪ چاهہ رکي ٿو، پر علم جي ان روشنيءَ ۾ وڏو ڪردار ڪمپيوٽر سائنس ادا ڪيو آهي، اڄ دنيا ۾ هر پڙهيل لکيل جي ڪوشش آهي تہ هو پين پني جي روايتي استعمال ڪي ڇڏي ليپ ٽاپ ۽ ڪمپيوٽري طريقا استعمال ڪري، ان جا ڪيترائي سائنسي سبب آهن، هڪ تہ اها مڃيل سائنسي حقيقت آهي تہ انساني ذهن ٻين مڙني انساني عضون ڪان تيز ڪم ڪري ٿو، سوچي ٿو، خيال پيدا ڪري ٿو، ٻئي پاسي هڪ ٽائيپسٽ وڌيڪ تيزيءَ سان انهن خيالن ڪي پني تي اتاري سگهي ٿو بنسبت قلم سان لکندڙ ليکڪ جي، اڄ جتي هڪ ٽائيپسٽ پورو پنو لکي ٿو اتي ساڳئي وقت ۾ قلم سان صرف اڌ صفحي ڪان بہ گهٽ لکي سگهجي ٿو. ان جو سبب اهو آهي تہ قلم استعمال ڪرڻ وقت صرف ٻہ يا ٽي آڱريون ڪم ڪن ٿيون جڏهن تہ ٽائيپسٽ جون پوريون ڏهہ ئي آڱريون ڦڙتيءَ سان ڪم ڪري اهڙي گوءِ ڪٽڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿيون. ان ڪان سواءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ڪري اسان ڪي اها سهولت ميسر آهي تہ انسان صرف ڳالهائيندا وڃن ۽ ڪمپيوٽر پاڻ سودو اهو سڀ ڪجهہ سمجهي ڪري لکندو وڃي. مطلب ڪا عورت ٻار ڪي کير پياريندي ڪو بہ تخليقي ڪم ڪري سگهي ٿي. انتهائي خوشيءَ جو مقام آهي جو اسان جي ڪمپيوٽر ماهرن سنڌيءَ لاءِ پڻ اهڙا پروگرام ٺاهي ورتا آهن. ڪجهہ اهڙن پروگرامن جو ذڪر هيٺ ڪيان ٿو.

## هن وقت تائين ٿيل ڪم:

سنڌي ڪمپيوٽر ماهرن جي بدولت اسان يونيڪوڊ ۽ آءِ ايس او وٽان رجسٽرڊ ٻولي آهيون جنهن ڪري عالمي معيارن موجب ويب سائيٽ ٺاهڻ (دنيا کي پنهنجو آواز ٻڌائڻ) جوڳا آهيون. هي سهولتون اسان کي سال 2000 ۾ مليون هيون پر وڏي پئماني تي عوامي جاڳرتا جي مهم نہ هلائڻ ڪري ۽ ساجاهہ وند طبقي پاران دلچسپيون نہ وٺڻ ڪري ان مان اهي نتيجا نہ نڪتا آهن جن جي اسان کي اميد هئي، اهڙي نموني اسان جو انجنيئر طبقو مسلسل ڪم ڪندو رهي ٿو ۽ دانشور طبقي جي ڪن تي جوئ بہ نہ ٿي چري. بهرحال صرف هن سال ٿيل ڪجھ ڪم منهنجي نظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ انقلابي ڪم آهن.

1. لهاڻا يائرن پاران سنڌيءَ کان انگريزي، انگريزيءَ کان سنڌي ۽ انگريزيءَ کان انگريزيءَ ۾ ڊجيٽل ڊڪشنري. (اهڙي قسم جو ڪم پاڪستان جي ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ناهي ٿيو). اسان جو مطالبو آهي تہ آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ سان گڏ هن ٻي ملهہ پراجيڪٽ کي پڻ سنڌي شاگردن ۾ تقسيم ڪيو وڃي.
2. سنڌي ڪمپيوٽنگ گروپ پاران موبائيل تي سنڌي آڻڻ وارو ڪم
3. اياز شاهہ ۽ سندس اداري پاران سنڌي هجي چڪاسيندڙ، سارٽنگ آرڊرڊ (الف ٻي وار ترتيب سان سنڌي)
4. ماجد پرڳڙي ۽ اياز شاهہ طرفان ڏار ڏار پراڻي انپيج ۽ ايم ايس ورڊ مان يونيڪوڊ ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ڪنورٽر ٺاهڻ.
5. اردو ۽ علائقائي ٻولين جي ڪمپيوٽري ڪم لاءِ قائم ڪيل اداري يو آر ايل ايس ڊي پي ۽ ماجد پرڳڙي جي گروپ سنڌي ڪمپيوٽنگ پاران آن لائن سنڌي ڊڪشنري.
6. اياز شاهہ، فهد ميمڻ، سنڌي ميڊيا جي سڄڻن ۽ صحافي حلقي توڙي اخباري مالڪن جي وسيع نظريءَ جي نتيجي ۾ عوامي آواز بعد سنڌي ٻوليءَ جي ٻن وڏين اخبارن ڪاوش ۽ عبرت پاران يونيڪوڊ تي منتقل ٿيڻ.
7. آفتاب احمد ٽالپر ۽ يائرن پاران وائيس آف سنڌ ۽ زاهد ميراڻي ۽ يائرن پاران سنڌي ڪتاب ڊاٽ ڪام/نيٽ جهڙا طاقت ور ادبي پراجيڪٽ شامل آهن.

8. لهاٽا پائرن پاران سنڌي ٻوليءَ تي ٽيل تاريخي ڪم جنهن ۾ آواز کي لکجندڙ اکرن ۾ تبديل ڪرڻ (وائيس ٽو ٽيڪسٽ) وارو پراجيڪٽ، ڏار اسپيل چيڪر، ۽ ٻيون ڪيتريون ئي يوٽلٽيون ناهڻ شامل آهن.

اشد ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ مٿين پراجيڪٽن کي عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن.

ان بعد ڪجھ اهڙا پراجيڪٽ پڻ آهن جن تي ڪم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي جهڙوڪ: اسان وٽ تمام گهڻي تعداد ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل تاريخي ڪتاب موجود آهن، عالمي طور تي ٻولين جي تبديل ٿيندڙ صورتحال موجب ممڪن آهي تہ ٻن يا ٽن صدين اندر اهڙو مواد ضايع ٿي وڃي، ڦاٽي يا ڳري سڙي وڃي، دنيا جي هر سڌريل قوم وانگر (ان جا ڪيترائي مثال اسان اڳيان آهن) اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي ادبي علمي ۽ تحقيقي توڙي تخليقي خزاني کي انٽرنيٽ تي منتقل ڪيون، ان ئي سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران پڻ اهڙي قسم جو پراجيڪٽ شروع ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ بهتر قدم آهي، بهرحال لکن جي تعداد تي مشتمل صفحن جي مواد کي ٻيهر ڪمپوز ڪرڻ تي تمام گهڻو خرچ ايندو، وقت گهربو، گگل پاران ساڳئي ئي قسم جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي پر هنن ٽيڪنالاجيءَ ذريعي ان جو آسان حل ڳوليو آهي اهو آهي او سي آر،،،، ها او سي آر مطلب آپٽيڪل ڪريڪٽر ريڪگنيشن، ان ذريعي اوهان ڪنهن بہ ڪتاب کي اسڪينر (فوٽو اسٽيٽ جهڙي مشين جيڪا تصويرن کي ڪمپيوٽر تي منتقل ڪندي آهي) ذريعي ڪمپيوٽر تي منتقل ڪري تصوير بڻجي ويل اکرن کي ٻيهر تبديليءَ جوڳي فارميٽ ۾ آڻي سگهو ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اوهان ڪو صفحو ڪمپيوٽر کي ڏيکاريو ۽ ڪمپيوٽر اهو صفحو پڙهي وٺي ۽ پڙهيل مواد کي ٻيهر لکي ڇڏي. هن تحت اوهان ڪنهن بہ صفحي کي سيڪنڊن اندر اسڪين ڪري اکري صورت ۾ آڻي سگهو ٿا، ائين ڪرڻ سان اسان کي ٻيهر ڪمپوز ڪرڻ جي ضرورت باقي نہ رهندي، اسان جو ڪافي پئسو ۽ وقت بچندو. نوٽ: اهڙي قسم جا ڪنورٽر ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ ٺهي چڪا آهن.

ڳچ عرصي کان ڪجھ سنڌين جو خيال آهي تہ سنڌيءَ کي ديوناگريءَ جيان رومن لپيءَ ۾ بہ اچڻ گهرجي. سندن اهو مطالبو ڪيترو منطقي آهي يا درست آهي ان جي مون کي ڄاڻ نہ آهي، چو تہ ساڳئي وقت ان جي مخالفت ۾ پڻ ڪيترائي دليل پيش ڪيا وڃن ٿا.

پر بحيثيت هڪ ڪمپيوٽر پروگرامر جي منهنجي نظر ۾ اهو سڀ ڪجهه تمام آسان آهي. جو ته جيڪڏهن واقعي ڪي اهڙا خاندان آهن جن مختلف وقتن ۾ مختلف سببن ڪري سنڌ ڌرتي تان لڏي وڃي دنيا جي ٻي ڪنڊ وسائي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سندن چاهه هجڻ ڪري هو گهرن ۾ ته سنڌيءَ کي جيئرو رکيون وينا آهن پر سنڌي پڙهڻ سندن وس کان ٻاهر آهي، ان ڪري هو اسان جي عوامي آواز، ڪاوش ۽ عبرت اخبار پڙهي نه ٿا سگهن. ان ڪري انهن وٽ سواءِ رومن لپيءَ جي ٻيو ڪو حل موجود نه آهي ته هو پنهنجي جنم ڀوميءَ بابت خبرون چارون معلوم ڪري سگهن. ان ڏس ۾ڪمپيوٽر تي اهڙو ڪنورٽر/ ٽرانسليٽر ناهڻ ممڪن آهي جنهن سان ڪو به پڙهندڙ بٽڻ دٻائڻ سان ڪا به خبر رومن سنڌيءَ ۾ پڙهي سگهي. ڪو به انٽرنيٽ تي موجود سنڌي ڪتاب پڙهڻ چاهي ته صرف هڪ بٽڻ دٻائڻ سان هو اهو ڪتاب رومن ۾ پڙهي سگهي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان جي ٻولي دانن کي ان سلسلي ۾ اڳتي اچڻ گهرجي جيڪي طئي ڪن ته ڪهڙي عالمي نشانيءَ کي ڪهڙي سنڌي اکر يا آواز جي جڳهه تي ڪم آڻجي ۽ اهڙي نموني ڪيئن سائنسي بنيادن تحت سنڌي ٻوليءَ کي آسان رومن ۾ ڪنورٽ ڪجي جيڪا ساڳئي وقت پڙهڻ ۾ تمام گهٽي ڏکي به نه هجي ۽ اڪثر سنڌي آوازن کي پڻ اهڙي رومن/فونيٽڪ الفابيٽ ذريعي ادا ڪري سگهجي.

ان بعد هڪ اهڙو ٽرانسليٽر/ڪنورٽر ناهڻ پڻ ممڪن آهي جنهن سان اسان دنيا جي ڪنهن به انگريزي ويب سائيٽ / آن لائن ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهجي، اهڙي سهولت دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين وٽ پهچي چڪي آهي، پر اسان وٽ ان سهولت جي شديد ضرورت /کوٽ آهي، جيڪڏهن اسان ائين ڪري ورتو سين ته هر اهو ماڻهو جيڪو انگريزي نه ٿو ڄاڻي يا گهٽ ڄاڻي ٿو، ڪنهن به قسم جي مواد کي خودڪار نظام تحت سيڪنڊن اندر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پڙهي سگهندو، ان جو فاعدو اسان جي علم ۽ ادب سان لاڳاپيل طبقي، جنهن ۾ سڀ کان پهرين شاگردن، صحافين، ريسرچ ادارن ۽ ڪمپيوٽر ماهرن، محققن ۽ تخليقڪارن، عالمي ادب سان لاڳاپيل دانشورن، مطلب ته زندگيءَ جي مڙني شعبن سان لاڳاپيل سنڌين کي پوندو. ان بعد اهڙي ئي نموني جو ٻيو ڪنورٽر جنهن تحت اسان سنڌيءَ ۾ لکيل ڪو به مواد، ڪتاب، رسالو يا ويب سائيٽ هڪ بٽڻ دٻائڻ سان انگريزيءَ ۾ منتقل ڪري سگهون ٿا، لک پڙهه سان واسطه فردن يا ادارن کي ئي ان جي اهميت جو اندازو هوندو، ائين ڪرڻ سان اسان سڄي دنيا سان اڻ ٽٽ رابطي ۾ رهندا سين، اسان جي ميڊيا ان مان ڀرپور فائدو حاصل ڪندي، آمريڪا ۾ وينل ڪو به انگريز/غير انگريز سنڌ جي حالتن جو سڌي طرح

سان جائزو وني سگندو، سنڌ جو ادب ۽ هن وقت تائين ٿيل ڪم سيڪنڊن اندر انگريزيءَ ۾ منتقل ٿي پوري دنيا ۾ پکڙجي سگهي ٿو، عالمي تنظيمون ۽ انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙن ادارن کي سڌيءَ ريت هر قسم جي معلومات ملندي، ڪا به خبر ڪتاب يا مضمون هڪ ڪلڪ ڪرڻ تي انگريزيءَ ۾ منتقل ٿيو ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته انگريزيءَ کان دنيا جي ٻي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ هر ٻوليءَ وٽ ڌار ڌار ٽرانسليٽر موجود آهن ۽ ٻيو ته انگريزي دنيا جي هر علائقي ۾ سمجهي وڃي ٿي. اهڙي قسم جو ٽرانسليٽر سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين ٿيل ڪيترن ئي لغات نويسيءَ جي ڪمن کان وڌيڪ طاقت ور هوندو.

## ڇا انٽرنيٽ ڪليل ميدان آهي، جتي اهو ئي ڪامياب آهي، جنهن وٽ علم ۽ سائنس جي طاقت آهي؟

1996 ۾ 82 سيڪڙو ماڻهو انگريزيءَ ۾ انٽرنيٽ هلائيندا هيا. انٽرنيٽ تي انگريزيءَ کي مليل شروعاتي موٽ جا ڪيترائي سبب آهن، هڪ ته ان جا شروعاتي استعماليندڙ اڪثر نارٿ آمريڪي هيا، ٻيو جن سائنسدانن پرسنل ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ ايجاد ڪئي انهن آمريڪي اسٽينڊرڊ ڪوڊ فار انفارميشن انٽرچينج (ASCII) جي بنياد تي اهي بنيادي ڪم ڪيا، جنهن تحت ڪمپيوٽر تي ٻين ٻولين ۾ لک پڙهه يا رابطو يا ته گهڻو مشڪل هو يا وري مورڳو ناممڪن.

ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي هيءَ ٽيڪنالاجي پنهنجي افاديت سبب وڏن ملڪن کان ننڍن ملڪن تائين، وڏن شهرن کان ننڍن ڳوٺن تائين تيزيءَ سان پکڙبي وئي، ۽ دنيا جي باشعور ماڻهن کي ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو ته ”انفارميشن ٽيڪنالاجي پنهنجو ڀرپور ڪردار ايستائين ادا نه ٿي ڪري سگهي جيستائين عوام الناس (ماسز) ان کي استعمال نه ٿا ڪن، ۽ دنيا جي اڪثريت آباديءَ تي مشتمل انسان تيستائين ان کي استعمال نه ٿو ڪري سگهي جيستائين اها مادري/علائقائي ٻوليءَ ۾ منتقل نه ٿي ٿئي.“

انٽرنيٽ کي علائقائي ٻولين ۾ آڻڻ ۾ سڀ کان پهريون طاقت ور ڪردار مقامي خابرو ادارن ادا ڪيو، جنهن بعد شاگردن، ملڪ کان ٻاهر رهندڙن ۽ اديبن دانشورن ”مقامي ٻوليءَ تي مشتمل انٽرنيٽ“ کي اڳتي آڻڻ لاءِ مطالبا ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڌريون سامهون آيون، هڪ واپاري يا دڪاندار، ٻيو سماجي ثقافتي، سياسي ادارا،

جنهن ڪري انٽرنيٽ تي مادري زبان استعمال ڪرڻ جو شعور پيدا ٿيو، ۽ اهڙي نموني ابلاغي ذريعن پاران انٽرنيٽ کي وڏ کان وڏ مقامي ٻولين ۾ استعمال ڪرڻ جي طاقت ور مهم هلائي وئي ان سان اهو فائدو پيو ته ڪنهن به ٻوليءَ سان لاڳاپيل ماڻهوءَ کي ان جي پسند جي ٻوليءَ ۾ مواد ملڻ لڳو، علم ادب، تحقيق تخليق، سائنس ۽ تاريخ جي موضوعن تي وڏ کان وڏ مواد انٽرنيٽ تي منتقل ڪيو ويو، ۽ ڏسندي ڏسندي دنيا جون وڏيون لائبريريون انٽرنيٽ تي منتقل ٿيڻ لڳيون.

ٻين ٻولين جي انٽرنيٽ تي وڌندڙ استعمال سبب انگريزيءَ جي استعمال جي صورتحال 80 سيڪڙو کان گهٽجي 30 سيڪڙو تائين پهتي آهي. ان سان ”گلوبلائيزيشن ذريعي دنيا جي مڙني مندين ۾ انگريزيءَ کي واحد واپاري ٻوليءَ طور خواب ڏسندڙن“ جو ڀرم ٽٽندو نظر اچي ٿو پر ساڳئي ئي وقت انٽرنيٽ جي ذريعي دنيا جي ساڃاهه وندن کي اهو موقعو پڻ مليو آهي ته هو پنهنجي ٻوليءَ کي اڳتي آڻن. هن عمل کي ساڃاهه وند ري-لوڪلائيزيشن جو نالو ڏين ٿا. جڏهن ته ملٽي نيشنل ڪمپنين ۽ عالمي واپاري تنظيمن پاران پنهنجين مندين کي دنيا ۾ وڌائڻ لاءِ هن عمل ۾ به ڀرپور حصو ورتو ويو آهي، جهڙوڪ سي اين اين ۽ بي بي سي توڙي ايم ٽي وي پاران ڌار ڌار ملڪن ۾ پروگرامن کي اتان جا مختلف ثقافتي رنگ روپ ۽ علائقائي ٻولي استعماليندي پيش ڪيو ويو. اهڙي نموني تازي صورتحال اها آهي جو وڏين آرگنائيزيشنز پاران پنهنجي مارڪيٽ شيئر کي وڌائڻ خاطر ريلوڪلائيزيشن جي عمل ۾ حصو وٺندي پنهنجي مصنوعات کي علائقائي رنگ روپ ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي، اهو ئي سبب آهي جو بي بي سي سميت دنيا جي ٻين واپاري/ابلاغي ادارن جون ويب سائيٽون هڪ ئي وقت مختلف ٻولين ۾ انٽرنيٽ تي موجود آهن.

ساڳئي صورتحال انٽرنيٽ ۽ سافٽ ويئر مارڪيٽ سان پڻ درپيش آهي، جو ته ترقي پذير ملڪن ۾ انٽرنيٽ حيران ڪن حد تائين تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. صرف هندستان ۽ چين ۾ ئي نيٽ استعماليندڙن جو انگ 2 سالن اندر پنجاهه ڀيرا وڌيڪ رفتار سان وڌيو آهي. ان موقعي جو فاعدو حاصل ڪندي ويب برائوزرس (انٽرنيٽ جو بنيادي پروگرام جنهن تي ڪنهن به ٻوليءَ جي ويب سائيٽ کلندي آهي) ٺاهيندڙ پنهنجن سافٽويئرن ۾ وڏ کان وڏ ٻولين جي سپورٽ ۽ نشانين جون سهولتون ڏئي رهيا آهن. ۽ اهڙي ريت ماڻهن جو انٽرنيٽ تي پنهنجين مادري زبانن جي استعمال جو لاڙو ۽ ان جي ڪمپيوٽري سکيا تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، ته جيئن هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ لاڳاپيل

ويب سائيٽ تائين پهچي سگهن، بحث مباحثي (نيٽ ڪچهرين) جا گروپ جوائن ڪري سگهن.

جڏهن ته ٻئي پاسي هڪ اخبار يا ٽي وي چينل تي هڪ پروگرام ڪي صرف ٻن ٻولين ۾ نشر/ڇاپڻ لاءِ وڏو سرمائيو گهرجي ٿو پر هڪ ئي ويب سائيٽ ڪي مختلف ٻولين ۾ شايع ڪرڻ تي گهٽ پئسو ۽ خرچ اچي ٿو، فائدا پڻ تمام گهڻا ملن ٿا.

اهڙي نموني انٽرنيٽ هڪ پاسي ملٽي نيشنل ڪمپنين ۽ عالمي واپاري/استحصالي ادارن ڪي هٿي وٺرائي رهي آهي ته ٻئي پاسي انٽرنيٽ هن وقت تائين ٿيل مڙني ايجادن ۾ سڀ کان وڌيڪ جمهوري ميڊيم طور سامهون آئي آهي. هن ٽيڪنالاجيءَ طاقتور ابلاغ ڪي هٿي وٺرائي آهي، هن ٽيڪنالاجيءَ دنيا جي هر رهواسيءَ ڪي اهو ڀرپور موقعو ڏنو آهي ته هو پنهنجو آواز دنيا تائين قدرتي احساسن تحت پهچائي، هن ٽيڪنالاجيءَ علم ۽ ادب تي وقت به وقت لاڳو ٿيل پابندين (ماضيءَ ۾ ڪتب خانن ڪي باهيون ڏيڻ، دانشورن جو جيئري ساڙي ڇڏڻ يا ملڪ بدر ڪرڻ جهڙا سوين مثال اسان اڳيان آهن) جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل خال ڪي پرڻ ۾ دير ئي نه لاتي پر وقت جي تيز رفتاريءَ جيان دنيا جي هڪ لائبريريءَ جي معلوماتي خزاني ڪي ٻي ڪنڊ ۾ رهندڙ انسان تائين پهچايو. هڪ اندازي موجب انٽرنيٽ پنهنجي محدود تاريخ ۾ علم ۽ ادب جي روشنيءَ ڪي ڦهلائڻ ۾ هزارين سالن ۾ پکڙيل علم جي روشنيءَ کان وڌيڪ طاقتور ڪردار ادا ڪيو آهي. ان حوالي سان انٽرنيٽ معاشري ۾ ٻٽو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، هڪ ته رابطي جي طاقت ور ذريعي هجڻ ڪري ڪنهن به معاشري جي مدي خارج روايتون پاڻ مرادو اپري نروار ٿين ٿيون ۽ ٻيو انهن ڪي ختم ڪرڻ لاءِ دنيا جي ڪند ڪڙڇ ۾ موجود نعم البدل مثال پڻ مهيا ڪري ٿي.

ممڪن آهي اڄ جي سنڌي ڪمپيوٽر انجنيئرن ڪي ساڳئي ئي قسم جي ڏکيائين ڪي منهن ڏيڻو پوي جيڪو سنڌي مسلمانن ڪي جديد علمن طرف راغب ڪندڙ ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسته الاسلام جو بنياد وجهندڙ سيد احمد خان ڪي ڏسڻو پيو هو، ان سلسلي ۾ جتي اسان پاڪستان جهڙي پٺ تي پيل ملڪ ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت ڪي غير محفوظ سمجهون ٿا اتي هوائين ٻوليءَ جو مثال اسان جي اڳيان آهي، جنهن جي ڳالهائيندڙن آمريڪا جهڙي ملٽي نيشنل ملڪ ۾ رهندي، محدود اقليت ۽ ڪارو رنگ هجڻ جي باوجود، پنهنجي ۽ پنهنجي ثقافت، تاريخ ۽ ٻوليءَ جي بقاءَ واسطي هر قسم

جي آمريڪي ٽيڪنالاجيءَ ذريعي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي هٿي وٺرائي، هنن پاران جهڙي نموني ٽيڪنالاجيءَ کي استعماليندي پوري آمريڪا ۽ دنيا جي ڪجهه ٻين حصن ۾ رهندڙ سندن هم نسل گروهن تائين رابطن جو جيڪو ڄار وڇايو ويو، ڪمپيوٽر ذريعي مادري ٻوليءَ جي تعليم جي ڀرپور مهم هلائي وئي ان جا مثال اسان جي اڳيان آهن، هنن پنهنجي ٻڌيءَ ۽ ايڪي کي بچائڻ واسطي هر هوائين اسڪول ۾ ڪمپيوٽر سکڻ لازمي قرار ڏنو، ان سان گڏوگڏ مختلف ويب سائيٽن تي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل علمن کي هوائين ٻوليءَ ۾ منتقل ڪري پڙهايو ويو، پر نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه اها آهي ته اهو سڀ ڪجهه ان زماني ۾ ڪيو ويو هو جڏهن انٽرنيٽ اڃا مس ئي آمريڪا کان ٻاهر پير پاتو هو. ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ هوائين ڪمپيوٽر شاگردن کان هوائي (علائقي) بابت آن لائين مضمونن جا مقابلا ڪرايا ويا، تاريخ ۽ فلسفي تي بحث مباحثا ڪرايا ويا، هر عمر جي فردن لاءِ مختلف مقابلا هيا، تحقيق ۽ تخليق تي مشتمل ويب پيج جوڙايا ويا، آن لائين ڪانفرنسون ڪرائي سياسي ۽ سماجي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرائي وئي.

دنيا جي اڪثر سوشيو لنگوسٽڪس جو چوڻ آهي ته ٻوليءَ جي واڌ ويجهه يا جياپو ان ڳالهه تي نه آهي ته ان جا ڪيترا ڳالهائيندڙ آهن پر ان ڳالهه تي آهي ته انهن ۾ ڪيترو چاهه ۽ رابطو آهي. اها مڃيل حقيقت آهي ته ٻولي تڏهن ئي وڌندي ويجهندي جڏهن ان جا ڳالهائيندڙ ان کي منظم رکڻ جا خواهشمند هوندا ۽ ان کي ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرندا. ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کي منظم رکڻ لاءَ ضرور جدوجهد ڪندا جڏهن انهن کي ان ڳالهه جو علم ٿي ويندو ته ٻولي نه صرف انهن جي ابن ڏاڏن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ماضيءَ جو حصو آهي پر سندن مستقبل جو به اڻ ٽٽ حصو آهي.

انٽرنيٽ مڪمل طور تي ڪي به نيون شيون نه ٿي آڻي پر اڳ موجود شين کي واضع ڪري ٿي، اچي ڪاري کي عام خاص اڳيان آڻي ٿي. گلوبلائيزيشن اميد رکي ٿي ته انگريزي ٻولي پوري دنيا ۾ هر ننڍي توڙي وڏي علائقي ۾ ”مارڪيٽ ٻوليءَ“ طور تي سامهون ايندي، جڏهن ته ري لوڪلائيزيشن ٻين قومي توڙي علائقائي ٻولين جي واڌ ويجهه لاءِ موقعا فراهم ڪري رهي آهي. اهڙي نموني هيءَ انٽرنيٽ ميڊيا عالمي، قومي ۽ علائقائي توڙي عام مباحثن جو گڏيل چينل بڻجي اڀري آهي. جنهن اڳ ۾ صرف انگريزيءَ کي هٿي وٺرائي پر هاڻي هر ان ٻوليءَ کي موقعو فراهم ڪري رهي آهي جيڪا انگريزيءَ جي واپاري مونوپوليءَ کي ٽوڙڻ چاهي ٿي.

# هيٺ ڏنل چارٽ متئين بحث کي واضع ڪري ٿو.

ڪالم ١: انٽرنيٽ تي استعمالجندڙ ڏهه وڏيون ٻوليون ڪالم٢: انٽرنيٽ استعماليندڙ ڪالم٣: سيني استعماليندڙن جو في سيڪڙو ڪالم٤: 2006 ۾ آبادي ڪالم٥: آباديءَ جو انٽرنيٽ استعماليندڙ في سيڪڙو ڪالم٦: 2000 کان 06 دوران انٽرنيٽ تي ٿيل واڌارو

| ٻولي: | نيٽ استعماليندڙ: | استعماليندڙ % : | 2006 ۾ آبادي: | انٽرنيٽ استعماليندڙ آبادي % : | 2000 کان 06 دوران ٿيل واڌارو: |
|---|---|---|---|---|---|
| انگريزي | 311,241,881 | 30.6% | 1,125,664,397 | 27.6% | 126.9% |
| چيني | 132,301,513 | 13.0% | 1,340,767,863 | 9.9% | 309.6% |
| جاپاني | 86,300,000 | 8.5% | 128,389,000 | 67.2% | 83.3% |
| اسپينش | 63,971,898 | 6.3% | 392,053,192 | 16.3% | 163.8% |
| جرمن | 56,853,1562 | 5.6% | 95,982,043 | 59.2% | 106.0% |
| فرانسيسي | 40,974,005 | 4.0% | 381,193,149 | 10.7% | 235.9% |
| ڪورين | 33,900,000 | 3.3% | 73,945,860 | 45.8% | 78.0% |
| پورتوگالين | 32,372,000 | 3.2% | 230,846,275 | 14.0% | 327.3% |
| اٽالين | 28,870,000 | 2.8% | 59,115,261 | 48.8% | 118.7% |
| روسي | 23,700,000 | 2.3% | 143,682,757 | 16.5% | 664.5% |
| ڏهه ئي وڏيون ٻوليون | 810,484,459 | 79.6% | 3,971,639,798 | 20.4% | 150.5% |
| دنيا جون باقي ٻوليون | 207,572,930 | 20.4% | 2,528,057,262 | 8.2% | 453.9% |
| سڄي دنيا جا استعماليندڙ | 1,018,057,389 | 100.0% | 6,499,697,060 | 15.7% | 182.0% |